
# راجو جا زخم

ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي متعلق سلسليوار ڪهاڻي

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن
پروگرام






راجو اٺن سالن جو هو ۽ ڪرن جي عمر لڳ ڀڳ ڪا ٻارنهن سال ڪن هئي. هو پاڙ ۾ پاڙ ۾ پاءُ پيڻ هئا. نہ رڳو هو پاڙ ۾ پاءُ پيڻ هئا پر هڪٻئي جا سٺا دوست بہ هئا. هو جيڪو بہ ڪم ڪندا هئا تہ گڏجي ڪندا هئا ۽ ڪا بہ شيءِ ڪين هڪٻئي کان جدا نہ ڪري سگهندي هئي. هڪ دفعي ڪرن بيمار ٿي پئي ۽ اسڪول نہ پئي وڃي سگهي. راجو بہ ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ چوڻ لڳو تہ منهنجي بہ طبيعت صحيح ڪونهي، انهيءَ ڪري آئون گهر ۾ رهي ڪرن سان راند ڪرڻ چاهيان ٿو. هو واقعي هڪٻئي جا بهترين دوست هئا.

تازو ئي انهن ٻارن جي ماءُ بيمار ٿي پئي تہ سندن پيءُ ويجهڙائي واري اسپتال کان هڪڙي ڊاڪترياڻي کي سڏي آيو. راجو ۽ ڪرن پنهنجي ماءُ جي بيماري بابت ڏاڍا پريشان هئا، پر ڊاڪترياڻي ڪا ڏاڍي سٺي عورت هئي، تنهن ٻارڙن کي ٻڌايو تہ پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي، سندن ماءُ کي نيڪ ٿيڻ ۾ ڪا بہ دير نہ لڳندي. ان کان پوءِ هن ڪجهہ دوائون ڏنيون ۽ چيائين تہ جيتري قدر ٿي سگهي وڌ ۾ وڌ ڪير، ڀاڄيون ۽ ميوا ڪارائجو.





ڪرن ڪي ڊاڪٽرياڻي ڏاڍي وڻي، هن چيو تہ ”جڏهن آئون وڏي ٿينديس تہ آئون بہ هن وانگر ئي ٿينديس. راجو سندس وڏي حيثيت ماڻڻ بابت تعجب مان چيس. “ ”تنهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ تو ڪي بہ هڪڙو اڇو ڪوٽ پاتل هوندو ۽ هٿ ۾ هڪ ڪارو بيگ هوندو. “ ”نقلي نموني واري نہ....... منهنجو مطلب آهي تہ جڏهن آئون وڏي ٿينديس تہ باقاعدي ڊاڪٽرياڻي ٿينديس. “ڪرن چيو. ”اهڙي طرح سان آئون ماڻهن جو علاج ڪري انهن کي صحتمند ۽ پهلوان بڻائيندس. مون کي ان ڳالهہ تي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ هڪ تمام سٺي عورت اسان جي گهر ۾ آئي ۽ اسان جي ماءُ کي ٺيڪ ڪري ويئي. امان هاڻي بلڪل چاق ۽ چڱي ڀلي ٿي ويئي آهي. آئون بہ جڏهن وڏي ٿينديس تہ ڳوٺ جي هر ماڻهو کي چاق ۽ چڱو ڀلو ڪري ڇڏينديس. “ ڪرن چيو.

”ڏاڍي سٺي ڳالهہ آئون جڏهن وڏو ٿيندس تہ ڊوڙ واري (Racer) ڪار جو ڊرائيور ٿيندس. ڪارن، بسن ۽ ٽرڪن کي ڏس تہ سهي، ڪيئن نہ زون ......... زون ......... ڪنديون پيون وڃن. جڏهن آئون وڏو ٿيندس تہ هڪڙي وڏي ڪار وٺندس پوءِ زون ......... زون ......... پيو ڪندو ويندس. “ راجو جواب ڏنس.

ٻار پنهنجو رستو وٺيو اسڪول ڏانهن پئي ويا. انهيءَ ڏينهن روڊ تي ڪافي ساريون گاڏيون هيون. ڪرن ۽ راجو روڊ جي محفوظ پاسي وٺان پئي ويا ۽ هو روڊ کان ايترو پري رهيا، جيترو ٿي پئي سگهيو.

”زون ......... زون ......... منهنجي ڪار روڊ تي سيڻي ڪان تيز پئي ويندي. راجو ائين چوندي پنهنجي هٿن کي ساڄي طرف پئي موڙيو، جيئن واقعي ڪا ڪار هلائيندو هجي. ڪرن مون کي ڏس آئون پنهنجي ڪار پيو هلايان.“

”ايڏو تيز هلائڻ خطرناڪ آهي، جي زخمي ٿي پوين ته پوءِ؟“ ڪرن چيس. ”ته پوءِ ڊاڪٽر ڪرن صاحبه توهان ئي ڪٽي منهنجو علاج ڪجو“ راجو برقت جواب ڏنس. زون ......... زون ......... مون کي ڏس آئون روڊ تي هڪ تيز موڙ پيو ڪٽيان. ائين چوندي راجو پنهنجا هٿ ڪٽي ساڄي طرف موڙيا؛ جتان گاڏين جي تيز آمدرفت لڳي پئي هئي.



ايتري ۾ ٻنهي ٻارڙن کي ٽائرن جو چرڙاٽ ٻڌڻ ۾ آيو ......... پٺيان اوچتو ڪو رڪشا پئي آيو، جنهن ويچاري راجو کي ٽڪر هڻي ڪيرايو ۽ هو وچي روڊ جي هڪ پاسي ڪريو. ڪرن تمام زور سان ريهون ڪرڻ لڳي. هن هڪدم ڌانهن ڪندي رڪشا واري کي رڪڻ جو چيو. رڪشا واري کي ڊپ ٿيو ته متان ڪيس پوليس جهلي وٺي، سو رڪشا کي جيڏي تي سگهيس اوڏي اسپيڊ ڏئي ڀڄائي فرار ٿي ويو. ڪرن هڪدم رڪشا جو نمبر لکي ورتو ته جيئن اهو پنهنجي پيءُ کي ٻڌائي سگهي. پوءِ هوءَ اوڏي مهل راجو ڏانهن ڊوڙي. سور سبب هو روڊ ڪان هڪ پاسي ليٽيو پيو هو. سندس گوڏن مان رت پئي وهيو، جيڪي رڪشي جي ٽڪر لڳڻ سبب روڊ سان رهڙجي پيا هئا ۽ سندس ٻنهي ٻانهن کي به زخم رسيا هئس. ڪرن کي اها ڳالهه ذهن ۾ هئي ته راجو کي احتياط ۽ سلامتيءَ سان ڪٽي وڃڻو آهي.




A2812

ڪرن ڏاڍي پريشان هئي. هن ڪوشش پئي ڪئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪار کي روڪي وٺي پر اُهي اڳي ڪان ئي تيز ٿي نڪري پئي ويون. ڪا بہ ڪار نہ ٿي رُڪي. ڪرن وٽ پنهنجي بوتل ۾ ڪجھ پاڻي هو. راجو روڊ جي پاسي تي ليٽيو پيو هو ۽ ڪرن سندس زخمن کي ڌوئڻ لڳي، تہ جيئن مٽي سندس جسم اندر داخل نہ ٿئي، پوءِ هن گوڏن تي هڪ صاف ڪپڙو ويڙهيس تہ جيئن رت بيهي وڃي. راجو ڏاڍو خوف ۾ ورتل هو، سو سور ڪان دانهون پئي ڪيائين پر ڪرن هڪ بهادر ڀيڻ هئي. هوءَ راجو سان ڳالهائي رهي هئي ۽ کيس دلاسا ڏيئي رهي هئي تہ سڀ ڪجھ ٺيڪ ٿي ويندو.

ڪرن ايندڙ ويندڙ گاڏين کي روڪڻ لاءِ کين هٿ ڏيندي رهي. نيٺ هڪڙي ڪار رڪي. اها ڪا ٽيڪسي هئي. ڪرن کيس ٻڌايس تہ سندس ڀاءُ کي ڪو رڪشا وارو ٽڪر هڻي ويو آهي ۽ هو ڪنهن ڊاڪٽر وٽ پهچڻ چاهي ٿي. ”تون ڇا ٿي چاهين، آئون هن کي ڪٿي وٺي هلان؟“ ٽيڪسي ڊرائيور ڪانئس پڇيو.


ڪرن کي تڪڙي سوچ ڪرڻي هئي. ويجهي ۾ ويجهي اسپتال بہ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي هئي پر سندس اسڪول تہ چند منٽن جي مفاصلي تي هو ۽ سندس اسڪول ۾ فوري طبي امداد جو سامان (First aid kit) موجود هو، جنهن سان سندس زخم ٺيڪ ٿي پئي سگهي. ”مون کي جيترو جلدي ٿي سگهي ڳوٺ واري اسڪول پهچاءِ“ ڪرن ٽيڪسي ڊرائيور کي چيو ۽ پنهنجي ڀاءُ راجو کي سهارو ڏيندي ٽيڪسي ۾ ويهاريائين.

ٽيڪسي ڊرائيور ڪرن ۽ راجو جي اسڪول ڏانهن تيزيءَ سان روانو ٿيو. جڏهن اتي پهتا ته ڪرن ڊوڙ پائي پنهنجي استاد ڏي ويئي. پنهنجي استاد کي گذارش ڪئي ته راجو کي روڊ تي ٽڪر لڳي ويو آهي سو مهرباني ڪري فوري طبي امداد جو سامان کڻي اچو. راجو جي استاد "ليڊي هيلٿ ورڪر" جو ڪورس ڪيل هئي ۽ ڪيس فوري طبي امداد وارو سامان چڱي طرح سان استعمال ڪرڻ ايندو هو. هو اسڪول ۾ اڳ به ڪيترن ئي ٻارن جو علاج ڪري چڪي هئي. ڪرن پنهنجي ڀاءُ جي علاج خاطر هڪدم فوري طبي امداد جو سامان کڻائي آئي. راجو کي اجا به سور هو پر ايترو ٿيو جو ويڙهيل ڪپڙي جي ڪري سندس رت وهڻ بند ٿي ويو هو.

"زخم کي ڌوئڻ وارو ڪم ڏاڍو صحيح ڪيئي"ڪرن جي استاد زخم کي جراثيم ڪش دوا سان صاف ڪندي چيو. پر هيءَ جراثيم ڪش دوا زخم کي اندران ڌوئي ڇڏيندي ۽ اسان چاهيون ٿا ته ڪٿي ڇوٽو کي جراثيم بيمار نه ڪري وجهن" ڪرن چيو.

"جتي راجو روڊ تي ڪريو هو، اتي ڏاڍي مٽي ۽ ڌوڙ هئي، منهنجي خيال ۾ راجو جي زخمن ۾ جراثيم داخل ٿي سگهن ٿا " ڪرن چيو جنهن کي پنهنجي ڀاءُ جو ڏاڍو فڪر هو.

لڳي ٿو ته راجو کي سيٽجڻ/جهٽڪن واري بيماري (Tetanus) جي انجيڪشن (سُئي) لڳائڻي پوندي" استاد چيو.


اسکول



”نہ نہ آئون ڪا بہ انجيڪشن ڪو نہ ٿو لڳرايان ۽ نہ ئي وري مون کي خبر آهي تہ اها سيپٽجڻ/جهٽڪن جي بيماري جي انجيڪشن آهي ڇا؟“ راجو رڙ ڪندي چيو. ”جڏهن توهان ايترا زخمي ٿي پئو، جيترو هينئر ٿي پيا آهيو تہ ان صورت ۾ اها انجيڪشن انتهائي ضروري هوندي آهي. انهيءَ سان اها ڳالهہ يقيني ٿي ويندي تہ ٽڪر لڳڻ جي ڪري جيڪڏهن ڪي جراثيم اوهان جي جسم اندر داخل ٿي بہ ويا آهن تہ اڳتي هلي اهي اوهان کي بيمار نہ ڪري سگهندا ۽ جيڪڏهن هينئر اها انجيڪشن آئون تو کي نٿي لڳايان تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اوهان جي گوڏن جا زخم ڦري سائي رنگ جا ٿي پون ۽ پوءِ ڪنهن اسپتال ۾ وڃي انهن جو آپريشن ڪرائڻو پوي ۽ اها ڳالهہ تہ اوهان بہ ڪو نہ پسند ڪندا...... راجو......!“ استاد راجو جا لڙڪ اگهندي چيو.

”ها.......... راجو، هينئر جيڪڏهن تون اها انجيڪشن هٽائي وٺندين تہ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڊوڙون پيو پائيندين.“ ڪرن چيو.





راجو سيتجڻ واري بيماري جي انجيڪشن لڳرائڻ لاءِ راضي ٿي ويو. استاد پنهنجي هٿن تي دستانا چاڙهي جانچ ڪئي تہ ڪٿي سيتجڻ واري بيماري جي انجيڪشن جو مُدو ختم تہ نہ ٿي ويو آهي. راجو کي تعجب ٿيو تہ سُئي (injection) سور ذرو بہ ڪو نہ ڪيو. بس رڳو هڪڙي هلڪي چهنڊڙي وانگر محسوس ٿي پر ڪا گهڻي تڪليف ڪا نہ ڏنائين، جيڪا هن سوچي پئي. سندس استاد وڏيڪ اهو ڪيو جو ڪيس گوڏن تي پٽيون ٻڌي ڇڏيائين تہ جيئن زخم تي مٽي وغيره نہ پئي. ڪرن بہ پنهنجي پاءُ جي زخمن کي جراثيم ڪش دوا ۽ ڪپهہ جي ٻُڙي جي مدد سان صاف ڪيو.

”تون دنيا جي بهترين ڊاڪترياڻي ٿيندينءَ“ راجو پوڳن ۾ مسڪرائيندي ڪيس چيو.

”ياد رکجانءِ تہ وري گاڏيءَ کي تيز ناهي هلائڻو“ راجوءَ جي ٺيڪ ٿي وڃڻ تي ڪرن خوش ٿيندي چيو.

پورو ٿيو



# ٻارن لاءِ مفيد معلومات

- جيڪڏهن خدانخواستہ توهان جي هٿان ڪو حادثو ٿي ويو آهي تہ توهان کي گهرجي تہ زخمين جي مدد ڪريو. توهان انهيءَ لاءِ فوري امداد خاطر هنگامي مرڪزن تي فون ڪري سگهو ٿا ۽ ڪنهن حد تائين ٽرئفڪ کي بہ روڪي سگهو ٿا.
- جيتوڻيڪ هڪ ناتجربيڪار ماڻهو لاءِ حالات جي سنگيني کي سمجهڻ ۽ فوري امداد فراهم ڪرڻ هڪ ڏکيو ڪم هوندو آهي، پر توهان کي گهرجي تہ زخمي ٿيل ماڻهو اگر هوش و حواس ۾ آهي تہ ان سان ڳالهائي ڪيس تسلي ڏيو.
- حادثو ڪندڙ گاڏي جو نمبر نوٽ ڪريو.






- جيڪڏهن محسوس ٿئي تہ سندن ڪا هڏي وغيرو ڀڄي پيئي آهي تہ ڪين گهلڻ کان پرهيز ڪريو، بلڪ ڪنهن تجربيڪار ماڻهو جي پهچڻ جو انتظار ڪريو.

- ٻين جي مدد ڪرڻ سان گڏوگڏ ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ کان پنهنجو پاڻ کي بہ بچايو ۽ پنهنجو پاڻ کي روڊ کان پريرو رکو. جيترو قدر ٿي سگهي حالات کي پرکڻ جي ڪوشش ڪريو.
- زخمي ٿيلن جو تعداد ڳڻيو ۽ ايندڙ ويندڙ گاڏين، حادثو ٿيل گاڏي مان وهندڙ تيل ۽ ٽٽل شيشن تي بہ نظر رکو.





- جيڪڏهن زخمي ٿيل ماڻهو خطري واري جڳهہ تي پيل آهن تہ سندن يڪدم اتان ڪڍي روڊ کان پريرو ليٽايو، جيستائين وچي ڪنهن فوري امداد جو بندوبست ٿئي.

- ساهہ چيڪ ڪرڻ لاءِ سندس سيني واري هنڌ جي چرپر جانچيو. زخمي ماڻهو جي وات جي ويجهو ڪن رکي سندس ساهہ جي آواز کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪريو.





- جنهن بہ عضوي مان رت وهي رهيو هجي، ان تي احتياط سان زور ڏيو تہ شريانن مان وهندڙ رت بند ٿي ويندو. رت وهڻ واري عضوي مٿان ڪنهن صاف قميص يا پوتي جو ٽڪرو ويڙهي ڇڏيو.
- جيڪڏهن زخمي ٿيل ماڻهو بيهوش ٿي ويو آهي ۽ ڪيس سوڙها ڪپڙا پاتل آهن تہ انهن ڪپڙن کي ڪنهن بہ طريقي سان ڍرو ڪريو، ڪيس اهڙيءَ طرح زمين تي ليٽايو جو سندس ٽنگون گوڏن ڪان اڳتي تائين پڪڙيل هجن.
- جيڪڏهن هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهو زخمي حالت ۾ آهن تہ ان صورت ۾ پهريائين ان شخص کي امداد پهچايو، جيڪو بيهوش آهي. سڀ ڪان اڳ سندس ساهہ بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.


- جڏهن روڊ تي ڪو حادثو وغيره پيش اچي وڃي ته ٽن ڳالهين کي نظر ۾ رکڻو هوندو آهي. (1) ساهه جي بحالي (2) وهندڙ رت کي بند ڪرڻ ۽ (3) ڀڳل عضون جو احتياط ڪرڻ. زخمي ٿيلن جي ساهه جي صحيح نموني بحاليءَ کي پهرئين ترجيح ڏيو. پوءِ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ته تيزي سان وهندڙ رت بند ٿئي ۽ آخر ۾ ان ڳالهه جو خيال رکو ته جنهن عضوي بابت ڀڄي پوڻ جو شڪ آهي، تنهن تي ڪو زور يا وزن نه اچي.






- زخمي ٿيل شخص کي فوري امداد پهچائڻ بعد پنهنجا هٿ چڱي طرح ڌوئي وٺو.
- جيڪڏهن توهان کي ڪن اهڙن هنگامي مرڪزن جا فون نمبر ياد آهن، جن کي هنگامي صورتحال ۾ سڏي سگهجي ٿو، ته اها ڳالهه اجا به وڌيڪ بهتر آهي.

# راجو جا زخم




ڪنهن حادثي ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن شخص جي زندگي بچائڻ جي حوالي سان پهرئين ڪلاڪ اندر ڪيس جيڪا فوري طبي امداد ڏني وڃي ٿي، سا تمام اهم هوندي آهي. وڏن روڊن تي جڏهن ڪي حادثا پيش ايندا آهن تہ عام طور تي اسپتالن تائين پهچ نہ هئڻ ۽ فوري طبي امداد بابت ڄاڻ نہ هئڻ جي ڪري تمام گهڻو جاني نقصان ٿي سگهڻ جو انديشو هوندو آهي. راجو بہ روڊ حادثي جو شڪار ٿي پيو هو ۽ سندس پيءُ ڪِرن مدد لاءِ پُڪاري رهي هئي. هن پنهنجي پاءُ ڪي بچائڻ لاءِ ڪيئن موثر نموني حالتن ڪي منهن ڏنو. هن ڪهاڻي ۾ پڙهو.

روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪهاڻين جو سلسلو روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت ڏنو ويو آهي، جيڪو روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان نافذ ڪيو پيو وڃي. هن سلسليوار ڪتاب ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڪهاڻيون هي آهن:



راجو جو خواب



راجو جي نئين سائيڪل



ببلو جي سياڻپ



ڳوٺ ۾ هي ڪير آيو....!



راجو جي ملاقات



روڊ تي ڪيڏڻ جا پنهنجا مزا آهن


مصنف: يوشع ذَڪيُ الدين | تصويرون ۽ تشريح: عديل الظفر | ترجمو: گل بيگ گرگيج | ڪمپوزنگ: خادم حسين

شايع ڪرائيندڙ: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن



پلاٽ- 9، بلاڪ-7، ڪهڪشان، ڪلفٽن-5، ڪراچي 75600- پاڪستان.

فون نمبر 111-424-111 (21-92)  فيڪس :9251652 (21-92)

اي ميل : info@sef.org.pk  ويب سائيٽ: www.sef.org.pk


روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ

ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ

حڪومتِ سنڌ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

حڪومتِ سنڌ